# فيضانِ مُحَدِّثِ اَعظم پاڪستان

22-February-2023



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Sisters)

هر مبلغه بيان ڪرڻ کان پهريان گهٽ ۾ گهٽ ٿي پيرا پڙهي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

# دُرود شريف جي فضيلت

حُضور مُحدِّثِ اعظم پاڪستان مولانا سردار احمد صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ ڀيري ڪنهن ديني جلسي ۾ تقرير ڪرڻ جي لاءِ وڃي رهيا هئا، سندن عادت مُبارڪ هئي تہ جتي موقعو ڏسندا هئا نيڪي جي دعوت جا مدني گُل پيش ڪندا هئا، جيئن تہ دورانِ سفر بَس ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا فضائل ۽ ڪمالات بيان ڪرڻ شروع ڪيا، بَس جو سفر هو، گاڏين جو شور بہ هو ۽ هوا بہ هلي رهي هئي، لهٰذا سفر جي دوران گهڻو ڳالهائڻ جي سبب سندن گلو ويهي رهيو. جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جلسي ۾ پهتا تہ حمد ۽ ثناء سان بيان جو آغاز فرمايو: گلو ويٺل هو، جهڙيءَ مُشڪل سان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حمد ۽ ثناء پڙهي هئي، لڳي رهيو هو تہ اڄ بيان مُشڪل ئي ٿي سگهندو پر سچي عاشقانِ رسول جا انداز ئي نرالا هوندا آهن. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان جي شروعات ۾ عربي خطبو پڙهڻ کان بعد ماڻهن کي مخاطب ٿي فرمايو: اسان وٽ هڪ نسخو آهي جيڪو هر مرض جو علاج آهي ۽ الله پاڪ جي حڪم سان شفا آهي. ايترو چئي ڪري پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بُلند آواز سان دُرودِ پاڪ پڙهڻ شروع ڪري ڇڏيو.

بَس دُرودِ پاڪ پڙهڻ جي دير هئي جو سندن آواز بلڪل صاف ٿي ويو، گلي

جي تڪليف بہ ختم ٿي وئي، ان کان بعد پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَیۡه ساڍا ٽي ڪلاڪ نهايت علمي ۽ پُر جوش بيان فرمايو.[1]

هر درد کی دوا ہے صَلِّ عَلٰی مُحَمَّد
تعویذ ہر بلا ہے صَلِّ عَلٰی مُحَمَّد

محبوبِ کبریا ہے صَلِّ عَلٰی مُحَمَّد
کیا نقشِ خوشنما ہے صَلِّ عَلٰی مُحَمَّد

قربِ خُدا ہو حاصل، جنّت میں ہو وہ داخل
جس نے لکھا پڑھا ہے، صَلِّ عَلٰی مُحَمَّد

جو دردِ لادوا ہو، یہ گھول کر پلا دو
کیا نسخۂ شفا ہے صَلِّ عَلٰی مُحَمَّد

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ يعني سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[2]

پياريون اسلامي ڀينرون! سٺين سٺين نيتن سان ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿيون، مثال طور نيت ڪريو! ۞ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌنديس ۞ اَدَب سان ويهنديس ۞ بيان دروان سُستي کان بچنديس ۞ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌنديس ۞ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪنديس.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

### محدثِ اعظم پاڪستان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَیۡه جو تعارف

---

[1] حياتِ مُحَدِّثِ اعظم ،صفحہ:153۔

[2]... مسند فِرْدَوس، جلد:4، صفحہ:305، حديث:6895۔

پياريون اسلامي ڀينرون! حُضور محدثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نهايت بُلند مرتبي وارا عالِمِ دين، تمام وڏا مُحدث(يعني علمِ حديث جا ماهر) ۽ ڪامل ولي آهن. شعبانُ المُعظم جي پهرين تاريخ تي يومِ محدثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ملهايو ويندو آهي، انهيءَ نسبت سان اڄ اسان اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! حضورِ محدثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ذڪرِ خير ڪرڻ ۽ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنديون سين. اللّٰه پاڪ اسان کي اولياءِ ڪرام سان هميشہ سچي پڪي، ديني، ايماني محبت رکڻ، نهايت شوق ۽ ذوق سان انهن جو ذڪرِ خير ڪندو رهڻ جي توفيق عطا فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## هڪ رات ۾ 3 ڀيرا ديدارِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم

فيصل آباد (پنجاب پاڪستان) جي هڪ مدني اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: اسان کي اسان جي استادِ محترم قاري غلام محيُ الدِّين صاحب هي واقعو ٻڌايو تہ قاري صاحب جو ڏاڏو ۽ سندس هڪ ساٿي ٻئي محدثِ اعظم پاڪستان مولانا سردار احمد صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا نهايت عقيدت مند هئا، اڪثر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وٽ حاضر ٿيندا ۽ خدمت ڪندا هئا، هڪ ڀيري جي ڳالهہ آهي، اهي ٻئي حضرات رات جي وقت حضور محدثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مٿي جي مالش ڪرڻ جي سعادت ماڻي. عام معمول هي هو تہ ڪجهہ دير ڪان پوءِ حضور محدثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پاڻ ئي فرمائيندا هئا تہ هاڻي بَس ڪيو! وڃو! آرام ڪيو!...!! پر ان رات عجيب معاملو هو، حضور محدثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اکيون بند ڪري وينا هئا ۽ اهي حضرات خدمت ۾ مصروف هئا، انهيءَ حالت ۾ ڪافي وقت گذري ويو. وچ ۾ وقفي وقفي سان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٽي ڀيرا سُبْحٰنَ الله! چيو! هر ڀيري سُبْحٰنَ الله چوڻ کان بعد ٻيهر پهريان

وانگر خاموش ٿي پيا وڃن. آخر ڪافي دير کان بعد پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اکيون کوليون ۽ قاري صاحب جي ڏاڏي محترم ۽ سندس ساٿي کي فرمايائون: توهان اڄان تائين هتي آهيو، ويا ناهيو؟ وڃو آرام ڪيو!

اهي ٻئي ان وقت تہ واپس اچي ويا، البت دل ۾ کٽڪو هو تہ آخر معاملو ڇا آهي؟ جيئن تہ صبح جو حضور محدثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيا تہ عرض ڪيائون: سائين! رات ڇا معاملو هو؟ اوهان وقفي وقفي سان 3 ڀيرا سُبْحٰنَ الله ڇو چيو هو؟ پهريان تہ محدثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪجھ نہ ٻڌايو، جڏهن انهن بار بار عرض ڪيو تہ فرمايائون: رات مون پنهنجي محبوب نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ڪرم ٿئي! ديدار جي خيرات ملي وڃي. ڪافي دير تائين عرض ڪرڻ کان بعد ڪرم ٿيو، پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي ديدار سان نوازيو، رُخِ پُرنور، روشن اکيون، اهو جمالِ بي مثال ڏسي ڪري مون چيو: سُبْحٰنَ الله!

| | |
|---|---|
| دیکھنے والے کہا کرتے ہیں: اللہ! اللہ! | یاد آتا ہے خُدا دیکھ کے صُورت تیری |

حُضور محدثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڌيڪ فرمايو: هڪ ڀيري ديدار نصيب ٿيو تہ ديدار جو شوق اڃان وڌي ويو:

| | |
|---|---|
| شربتِ دید نے اور آگ لگادی دِل میں | تپش دِل کو بڑھایا ہے، بجھانے نہ دیا |

مون وري درخواست پيش ڪئي، ڪافي دير تائين عرض ڪندو رهيس، آخر وري ڪرم ٿيو، پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وري ڪرم فرمايو: پوءِ ديدار عطا ٿيو، هن ڀيري بہ منهنجي وات مان نڪتو: سُبْحٰنَ الله!

الله اکبر! هي اهو جلوو ناهي جنهن کي هڪ ڀيرو ڏسڻ سان دل ڀَرجي وڃي...!!

عمر بھر دیکھوں مگر سَیْری نہ ہو | بات کچھ ایسی تیری صُورت میں ہے

حُضور محدثِ اعظم پاڪستان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: ٻيو ڀيرو ديدار ٿيو ته ديدار جي شوق ۾ ويتر اضافو ٿي ويو، مون ٽيون ڀيرو به درخواست پيش ڪئي، منهنجي باربار عرض تي هڪ ڀيرو ٻيهر ڪرم ٿيو، منهنجي پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي ديدار جو جام عطا فرمائي ڇڏيو. هن ڀيري به منهنجي وات مان بي اختيار نڪتو: سُبۡحٰنَ الله!

سُبۡحٰنَ الله! مَا اَجۡمَلَكَ، مَا اَحۡسَنَكَ مَا اَکۡمَلَكَ

کتھے مہر علی، کتھے تیری ثنا، مشتاق اکھیاں، کتھے جا اڑیاں

الله پاڪ جون حُضور محدثِ اعظم پاڪستان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ تي ڪروڙين رحمتون وسَن، انهن جي صدقي اسان کي به پنهنجي آقا، جان کان پياري آقا، ٻنهي جهانن جي داتا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ديدار جو جام نصيب ٿي وڃي.

جلوۂ یار اِدھر بھی کوئی پَھیرا تَیرا | حسرتیں آٹھ پَہر تکتی ہیں رَستہ تیرا

ڪنهن عاشق عرض ڪيو:

نہ زادِ سَفَر ہے، نہ کوئی کام بھلے ہیں | پھر بھی مجھے سرکار بُلائیں تو عجب کیا

دِیدار کے قابِل تو نہیں چشمِ تمنّا | لیکن وہ کبھی خواب میں آئیں تو عجب کیا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

# محدثِ اعظم پاڪستان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو مختصر تعارف

پياريون اسلامي ڀينرون! سچي عاشقِ رسول، حُضورِ محدثِ اعظم پاڪستان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو نالو مبارڪ: محمد سردار احمد ۽ ڪنيت: ابوالفضل آهي، پاڻ 29 جمادي الأُخرٰي، 1321، هجري تي ڳوٺ ڏيال ڳڙهہ ضلع گورداس پور(مشرقي پنجاب، هند) ۾ پيدا ٿيا.[1] پاڻ هڪ ئي وقت ۾ مُدرس (ٽيچر)، بيمثال مُحدِث (يعني علمِ حديث ۾ نهايت ڪمال رکڻ وارا عالِم)، بهترين بيان ڪرڻ وارا، عظيم مُحقق ۽ ديانت دار مُفتي هئا ۽ سيني کان وڌيڪ هي تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سچا عاشقِ رسول، مُتقي پرهيزگار ۽ سنّتن جا عامِل هئا.[2]

| | |
|---|---|
| نائبِ دِینِ نبی، سردار احمد تیرا نام | یعنی تُو فضلِ خُدا سے قوم کا سردار ہے |

# ننڍپڻ مبارڪ جون ڪجهہ جهلڪيون

پياريون اسلامي ڀينرون! حُضور مُحَدّثِ اعظم پاڪستان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو ننڍپڻ مبارڪ عام ٻارن کان بلڪل مختلف هو، جڏهن سندن ولادت مبارڪ ٿي تہ سڄي ڳوٺ ۾ مشهور ٿي ويو تہ هن ننڍڙي ٻار جي پيشاني ۾ چنڊ جهڙي روشني چمڪندي آهي. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو هڪ ماروٽ چودري ناظر حسين جيڪو صوفي صفت انسان هو ۽ حُضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سان وڏي محبت رکندو هو، صوفي ناظر حسين حُضور محدثِ اعظم پاڪستان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي مُتعلق اڪثر اهڙيون ڳالهيون ڪندو هو، جن کي ان وقت عجيب سمجهيو ويندو هو، هڪ ڏينهن انهن محدثِ اعظم پاڪستان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي وڏي ڀاءُ حيات محمد صاحب کي فرمايو: سائين! اوهان کي مُبارڪ هجي! مان اوهان جي ڀاءُ سردار احمد جي پيشاني ۾ نيڪ بختي ۽ خوش قسمتي جو تارو چمڪندي ڏسي رهيو

[1] تذکرہ مُحَدِّث اَعْظَم،جلد:1 ،صفحہ:16۔
[2] فيضانِ مُحَدِّث اَعْظَم پاکستان،صفحہ:2۔

آهيان.[1]

## ننڍپڻ کان ئي ذِڪرُالله جي عادت

حضرت محدثِ اعظم پاڪستان رَحمَۃُ اللهِ عَلَيه ننڍپڻ کان ئي ديني ڳالهين ۾ دلچسپي رکندا هئا. پاڻ رَحمَۃُ اللهِ عَلَيه جڏهن هلڻ ڦرڻ جي قابل ٿيا تہ والدِ محترم سان گڏ مسجد ۾ نماز پڙهڻ ويندا هئا. ذڪر ۽ اذڪار ۽ نعت خواني جو اهڙو شوق هو جو اڪثر هلندي ڦرندي نعتون پڙهندا ۽ ذڪر ڪندا رهندا هئا.[2]

کاش لب پر مرے رہے جاری
ذِکر آٹھوں پہر ترا یارب!
چشمِ تَر اور قلبِ مُضطَر دے
اپنی اُلفت کی مے پِلا یارب![3]

## ننڍپڻ کان ئي شريعت جي پيروي

۞ حضور محدثِ اعظم پاڪستان رَحمَۃُ اللهِ عَلَيه اسڪول ويندي ساٿين جي شرارتن کان الڳ ۽ سنجيده رهندا هئا ۞ سندن ڳوٺ کان انبَ (ڏاند) گاڏين ۾ پري ڪري منڊي آندا ويندا هئا، رستي ۾ ڪجھ انبَ ڪِري پوندا هئا، جنهن کي شاگرد ڪٺي ڪري ڪائي ونندا هئا، پر پاڻ رَحمَۃُ اللهِ عَلَيه هي ڪِريل انبَ نہ ڪائيندا هئا ۞ اسڪول ويندي رستي تي برساتي نالو هوندو هو جيڪو برسات جي موسم ۾ پرجي ويندو هو ننڍي عُمر وارا طالبِ علم اهو نالو ٽُپڻ جي لاءِ پنهنجا وَرَ ڪٺندا هئا تہ گوڏا اگهاڙا ٿي ويندا هئا پر حُضور محدثِ اعظم پاڪستان رَحمَۃُ اللهِ عَلَيه جي ننڍپڻ ۾ بہ احتياط ۽ ڪمال حياداري مرحبا! پاڻ نالو ٽُپڻ جي لاءِ شلوار جا پاچا مَٿي نہ ڪندا هئا بلڪہ پنهنجي وڏي ڀاءُ کي عرض ڪندا هئا: مون کي ڪلهي

[1] حياتِ مُحَدِّث اَعْظَم پاکستان ،صفحہ:30۔
[2] حياتِ مُحَدِّثَ اَعْظَم پاکستان ،صفحہ:30۔
[3] وسائلِ بخشش،صفحہ:79۔

تي ڪٽي ڪري نالو ٿپايو، ائين پاڻ گوڏا ڪولڻ ڪان بچي ويندا هئا.[1]

سُبْحٰنَ الله! پياريون اسلامي ڀينرون! ڇا ته عظيمُ الشّان ۽ نرالو ننڍپڻ آهي، حُضور محدثِ اعظم پاڪستان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه اجان ننڍڙي عُمر جا آهن ❁ اجان پاڻ تي نمازون به فرض ناهن ٿيون ❁ شريعت جا احڪام به لازم ناهن ٿيا ❁ ان عُمر ۾ به پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه پنهنجي والد صاحب سان گڏ مسجد ۾ وڃي ڪري نماز ادا ڪري رهيا آهن، ذڪرالله ۽ نعت مصطفيٰ سان زبان تر رکندا هئا ❁ٻين جي شين تي ناحق قبضو ڪرڻ ڪان بچندا هئا ۽ سُبۡحٰنَ الله! حيادار اهڙا جو ننڍڙي عُمر ۾ به گوڏا ڪولڻ ڪان بچندا هئا.

هڪ هي الله پاڪ جا نيڪ ٻانها هئا ۽ هڪ اسان آهيون. افسوس! ❁ اڄ ته نوجوانن بلڪ پوڙهن کي به شرعي احڪامن جي خبر ئي ناهي هوندي ❁ 40، 50 سال زندگي گذاري ڇڏي، اجان تائين علمِ دين سکيو ئي ناهي ❁ نماز پڙهڻ ته پري جي ڳالهه نمازون ئي قضا ڪري ڇڏيندا آهن ❁ ذڪر ۽ درود جي جڳهه تي فضول ڳالهيون، ڪِلَ ڀوڳ، ٺهڪَ بلڪ عشقيه ۽ گهٽيا اشعار، فلمي گانن جا ٻول، غيبت، چغلي، بهتان وغيره گناهن ڀريون ڳالهيون ٿينديون آهن ❁ ۽ رهي ڳالهه حياداري جي! ان جو ته پڇو ئي نه...!! سوشل ميڊيا، يوٽيوب، فيس بُڪ ۽ غير مُسلم معاشري جي انڌي پيروي جي لالچ جڻ اسان جي معاشري مان حيا ڌوئي ڇڏي آهي. اسان وٽ وڏن وڏن کي پردي ۽ بي پردگي جي احڪامن جي ڄاڻ ئي ناهي هوندي، پاڻ کي حيادار چورائڻ واريون به راند روند ۽ تماشن، ورزش، ترڻ وغيره جي لاءِ فيشن طور اهڙو لباس پائينديون آهن جو انهن جي بي پردگي ٿي رهي هوندي آهي ۽ انهن کي معلوم به ناهي هوندو. صدرُ الشريعه مفتي امجد علي اعظمي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه بهارِ شريعت ۾ فرمائن ٿا: سترِ عورت هر حال

[1] حياتِ مُحَدِّث اَعْظَم پاڪستان ،صفحه:30۔

۾ واجب آهي، جيتوڻيڪ نماز ۾ هجي يا نہ، اڪيلو هجي يا ڪنهن جي سامهون، ڪنهن صحيح ضرورت کان علاوه اڪيلائي ۾ بہ ايترو بدن کولڻ جائز نہ آهي ۽ ماڻهن جي سامهون يا نماز ۾ ان بدن جي حصي کي لِڪائڻ بالاِجماع فرض آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## وليءَ جي زيارت دل جي دنيا بَدلائي ڇڏي

پياريون اسلامي ڀينرون! حضرت محدثِ اعظم پاڪستان رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ابتدائي تعليم دِيال ڳڙهه ۾ ئي حاصل ڪئي، ميٽرڪ کان بعد وڌيڪ تعليم جي لاءِ مرڪزُالاولياء لاهور تشريف وٺي آيا ۽ انٽرميڊيٽ ۾ داخلا ورتائون، انهيءَ دوران جامع مسجد وزير خان ۾ هڪ جلسو مُنعقد ٿيو: جنهن ۾ اعلٰي حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه جا شهزاده حُجَّةُ الاسلام مولانا مفتي حامد رضا خان رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه رونق افروز هئا، بي چين پروانن جيان چڪر لڳائي رهيا هئا، انهيءَ هجوم ۾ حُضور محدثِ اعظم پاڪستان رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه بہ حُجَّةُ الاسلام مولانا مفتي حامد رضا خان رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه جي نوراني چهري جي زيارت ڪئي ۽ هٿ چمڻ جي سعادت حاصل ڪئي. ان هڪ ملاقات اهڙو اثر ڪيو جو دل جي دنيا ئي بدلجي وئي، جيئن تہ جلسي جي اختتام تي حُجَّةُ الاسلام رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه جي رهائش گاهہ تي پهتا ۽ عرض ڪيائون: مون کي هاڻي ايف اي (*F.A*) ڪرڻ جو شوق ناهي مان اوهان سان گڏ هلڻ چاهيان ٿو تہ جيئن اهو علم حاصل ڪري سگهان جنهن جا اوهان نُمائيندا آهيو. ڪامل ولي حضرت حُجَّةُ الاسلام مولانا مفتي حامد رضا خان رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه هن ڇوڪري جي پيشاني تي سعادت جا چمڪندڙ آثار ڏٺا تہ سڃاڻي ورتائون تہ هي نوجوان اهلِ سنّت جو عظيم رهبر ٿيندو. لھٰذا شفقت فرمائيندي

[1] بہارِ شريعت، جلد:1، صفحہ:479، حصّہ:3بتغير قليل۔

درخواست قبول ڪئي ۽ حُضور محدثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪي پاڻ سان گڏ بريلي شريف وٺي ويا،[1]

سُبْحٰنَ الله! ڇا ته شان آهي ڪامل وليءَ جو...!! هڪ ايف اي جي طالبِ علم (*Student*) شهزادهءِ اعلٰي حضرت ڪي هڪ نظر ڏٺو، بَس انهيءَ ڏسڻ دل جي دنيا بدلائي ڇڏي ۽ ايف اي جو (اهو) طالبِ علم (*Student*) دين جي راهه جو مسافر ٿي دنياءِ اسلام جو عظيم مُحدث بڻجي ويو.

طیبہ سے منگائی جاتی ہے، سینوں میں چھپائی جاتی ہے
توحید کی مے پیالے سے نہیں، نظروں سے پلائی جاتی ہے

## ڪنهن مان متاثر ٿيڻ گهرجي...؟

پياريون اسلامي ڀينرون! هتي سِکڻ لاءِ هڪ نهايت ئي پيارو مدني گُل آهي، اهو هي ته متاثر ٿيڻ به هڪ ڪم آهي ❁ ڪنهن مذهبي رهنما کان متاثر ٿيڻ ❁ جيڪا پنج ئي نمازون پابندي سان ادا ڪندي آهي، ان جي استقامت کان متاثر ٿيڻ ❁ جيڪا سنّتن جو پابند هجي ❁جيڪا نيڪي جي دعوت عام ڪندي هجي ❁ علمِ دين سکڻ ۾ ڪوشش ڪري رهي هوندي آهي ❁ قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندي آهي، اهڙن دیندارن کان متاثر ٿيڻ هر هڪ جي نصيب ۾ ناهي هوندو.

اڄڪلهه ته ماڻهو ❁ فلمي اداڪارن جي اداڪاري مان ❁ ڳائڻين جي ڳائڻ مان متاثر ٿيندڀون آهن ❁ ڪا ڪنهن جا فيشن ايبل وارَ ڏسي ڪري ٽڏا ساهَ ڪڻندي آهي ❁ ڪا وڏا وڏا بنگلا ڏسي ڪري ريس ڪندي آهي ❁ ڪا ڪنهن راندیگر سان متاثر ٿيندي آهي ته ❁ڪا وڏي عهديدار جر فين بڻجي ويندياهي.

ياد رکو! اسان جو ڪنهن کان متاثر ٿيڻ اسان جي ذهني سطح کي واضح

[1] حياتِ مُحَدِّثِ اَعْظَم،صفحه:33 خلاصةً ـ

ڪندو آهي، اسان جي دلي رجحان جي عڪاسي ڪندو آهي، ان ڪري اسان ڪي هي بہ غور ڪرڻ گهرجي تہ اسان ڪنهن ڪان متاثر ٿي رهيا آهيون، پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: رشڪ صرف 2 ماڻهن تي ڪري سگهجي ٿو: (1): ان شخص تي جنهن کي الله پاڪ قرآن سيکاريو ۽ اهو ان کي ڏينهن رات پڙهندو رهي (2): ان شخص تي جنهن کي الله پاڪ مال عطا فرمايو: ۽ اهو راهِ خدا ۾ ان کي خرچ ڪري.[1]

هي آهن اهي ماڻهو جن ڪان متاثر ٿيڻ گهرجي، جنهن کي الله پاڪ قرآنِ ڪريم جو، حديثن جو علم عطا فرمايو ۽ اهو ان تي عمل بہ ڪندو آهي، نمازون بہ پڙهندي آهي، روزا بہ رکندي آهي، فرائض ۽ واجبات بہ پورا ادا ڪندي آهي، گناهن ڪان بہ بچندي آهي، جيڪڏهن الله پاڪ مال عطا فرمايو آهي تہ ان جا حقوق بہ پورا پورا ادا ڪندي آهي، فيشن پرستي ۽ فضول ڪمن ۾ خرچ ناهي ڪندي بلڪ الله پاڪ جي واٽ ۾ خرچ ڪندي آهي. مطلب تہ: جيڪا دين جي معاملي ۾ مضبوط آهي، آخرت جو فڪر ڪرڻ واري، جنّت جي تياري ڪرڻ واري، جهنّم ۾ وڃي وڃڻ وارن ڪمن ڪان بچڻ واري آهي، اسان کي گهرجي تہ اسان ان ڪان متاثر ٿيون، رشڪ بہ انهيءَ تي ڪيون، انهيءَ جهڙو بڻجڻ جي ڪوشش بہ ڪندا ڪيون.

| | |
|---|---|
| ہم پہ نظرِ کرم تاجدارِ حرم | نیک بن جائیں ہم تاجدارِ حرم |
| دردِ عصیاں مٹے عادتِ بد چُھٹے | شاہِ عرب و عجم تاجدارِ حرم |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## محدثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي زندگي جا معمولات

[1] بخاري ،ڪتاب فضائل القرآن، باب اغتباط صاحب القرآن،صفحہ:1299،حديث:5026۔

حُضور مُحَدِّثِ اعظم پاڪستان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو معمول مبارڪ هو تہ ۞ پاڻ فجر جو وقت شروع ٿيڻ کان پهريان ئي بيدار ٿيندا ۽ ضروريات کان فارغ ٿي ڪري ذڪر ۽ مناجات ۾ مصروف ٿي ويندا هئا ۞ شاهي مسجد ۾ نماز باجماعت تڪبيرِ اولٰي سان ادا ڪندا ۽ صبح کان ظهر تائين پوءِ ظهر کان عصر تائين پڙهائيندا رهندا هئا ۞ عصر ۽ مغرب جي وچ ۾ اِسۡتِفتا (يعني پڇيل فتوائن) ۽ خطن جا جوابَ عطا فرمائيندا هئا ۞ پوءِ مهمانن سان ملاقات ۞ اچڻ وارن ڪي پليڪار ۞ عشاء کان بعد اهم معاملن تي غور، دين جي خادمن، رضا جي خادمن ڪي ديني مشورا ۞ مسجد ۽ مدرسي جا تعميري منصوبا، ايستائين جو رات ٿي ويندي هئي، سڀي ڏينهن جا ٽڪيل شاگرد مطالعو ڪري ڪري سمهي رهندا هئا، پر سندن ڪم ختم ٿيڻ جو نالو ئي نہ وٺندا هئا مطالعو ڪرڻ ويهندا هئا تہ رات جو دير تائين مطالعو جاري رهندو هو.[1]

سندن کاڌو سادو ۽ گهٽ مقدار ۾ هوندو هو ۞ گهر ۾ جيڪو پَچندو هو اهو کائي وٺندا، ڪنهن خاص کاڌي جي فرمائش ڪڏهن نہ ڪندا هئا ۞ ٽوڪريءَ ۾ جيڪا ماني مٿان موجود هوندي هئي اها ئي کائي وٺندا هينان گرم ماني نہ ڪيندا هئا ۞ عام طور تي هڪ وقت جي غذا ٿوري ڀاڄي ۽ هڪ سنهي چپاتي هوندي هئي، جنهن کي خوب چٻاڙي ڪري کائيندا ۽ فرمائيندا هئا تہ کاڌو خوب چٻاڙي ڪري کائو، ڏندن جو ڪم معدي کان نہ وٺو ۞ معمول جي بغير ماني نہ کائيندا هئا اهو ئي سبب آهي جو سندن پيٽ ڪڏهن خراب نہ ٿيو ۞ کائڻ جي درميان پاڻي پيئندا هئا جيڪڏهن کاڌي کان بعد پاڻي جي ضرورت محسوس ٿيندي هئي تہ بعد ۾ ننڍو گرهہ ضرور تناول فرمائيندا هئا، ۞ ٿانوَ نهايت صاف استعمال فرمائيندا هئا ۞ پاڻ اخبار نہ پڙهندا هئا، جيڪڏهن ڪنهن خاص سبب سان اخبار ڏسڻي هوندي هئي تہ پهريان ان تي موجود جاندارن جي تصويرن کي

[1] حياتِ مُحَدِّثِ اَعۡظَم،صفحہ:197 خلاصةً۔

مَسُ سان ڊهرائيندا هئا ۞ جوتا پائڻ، لاهڻ، مسجد ۾ داخل ٿيڻ ۽ مسجد مان نڪرڻ جي آدابن جو پاڻ گهڻو لحاظ رکندا ۽ ٻين کي به انهن جي پابندي جي تاڪيد فرمائيندا هئا ۞ گفتگو ۾ اڪثر عربي الفاظ نَعَمْ (جي ها!) ۽ طَيِّب (تمام ڀلو) استعمال ڪندا هئا، جنهن سان ڪلام ۾ لطف پيدا ٿي ويندو هو ۞ سواري تي سوار ٿيڻ وقت الله اڪبر چوندا ۽ دعاءِ ماثورا پڙهندا ۽ جڏهن لهندا هئا ته سبحان الله! چوندا هئا ۞ديني اجتماعن ۾ شرڪت جي لاءِ ٻئي شهر تشريف وٺي ويندا هئا ته اتي مزاراتِ اولياءِ تي حاضري ڏيندا هئا ۞ عُلماءِ ڪرام ۽ شاگرد ملاقات جي لاءِ حاضر ٿيندا هئا ته انهن کي وڏي سخاوت سان تحفا عطا فرمائيندا هئا.[1]

## وقت جي پابندي

حُضور محدثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هڪ ٻئي وڏي نرالي اَدا هيءَ هئي ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه گهڙي نه رکندا هئا، ان جي باوجود هر ڪم وقت تي ادا ڪندا هئا ۽ پاڻ فرمائيندا هئا: زندگي جي ڪمن لاءِ وقتَ مقرر ڪري ڇڏيو، پوءِ انهن تي عمل ڪيو![2]

اے رضا ہر کام کا اِک وَقْت ہے | دل کو بھی آرام ہو ہی جائے گا[3]

## ٽيوب لائٽ اطاعت ڪئي

شيخِ طريقت، اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي مشهور ۽ معروف ڪتاب فيضانِ سنّت (جلد اوّل) صفحي 401 تي لکن ٿا: حضرت محدثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جهنگ بازار گهنٽا

[1] تذکرہ مُحَدِّث اَعْظَم،جلد:2 ،صفحہ:282-283 خلاصۃً ۔
[2] تذکرہ مُحَدِّث اَعْظَم،جلد:2 ،صفحہ: 283 ۔
[3] حدائقِ بخشش ،صفحہ:42۔

گهر ۾ مُنعقد ٿيڻ واري محفلِ ميلاد ۾ بيان فرمائي رهيا هئا. بيان جو موضوع نورانيتِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هو. بيان جاري هو تہ تقريباً اڌ ڪلاڪ ڪان بعد پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي توجهہ ساڄي پاسي لڳل هڪ ٽيوب لائٽ جي طرف وئي، اها ٽيوب لائٽ ڪنهن فني خرابي جي ڪري ڪڏهن ٻري پئي، تہ ڪڏهن وسامي پئي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٽيوب لائٽ کي مخاطب ٿي ڪري فرمايو: اڙي ٽيوب! تون ڪڏهن ٻرين ٿي، ڪڏهن وسامي ٿي، حضورِ اڪرم، نورِ مُجسّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نور مبارڪ سان تمام جهان روشن ٿي ويا ۽ تون ڇو ٿي ناشڪري بڻجي، خبردار! خبردار! تون وسامي وئين تہ...!! پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ان ارشاد سان نعرهءِ رسالت جي گونج پئجي وئي، تمام حاضرين ڏٺو تہ **اها ٽيوب لائٽ جلسي جي اختتام تائين لاڳيتو روشن رهي.**[1]

جو نبی کا غلام ہوتا ہے
قابلِ احترام ہوتا ہے
جو ہو اللہ کا ولی اُس کا
فیض دنیا میں عام ہوتا ہے[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# محدثِ اعظم پاڪستان جا 5 اعليٰ ڳڻ

## (1): عِلم ۽ عمل جو جذبو

پياريون اسلامي ڀينرون! حُضور محدثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي اعليٰ ڳُڻن مان هڪ نهايت پيارو ڳُڻ هيءُ آهي تہ پاڻ علم سکڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جو تمام گهڻو جذبو رکندا هئا ۞ پاڻ دارُ العلوم منظرِ اسلام (بريلي شريف) مان علم حاصل ڪيائون ۞ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حُجَّةُ الاسلام مولانا مفتي حامد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

---

[1] حياتِ مُحَدِّث اَعْظَم،صفحہ:263۔
[2] وسائلِ بخشش،صفحہ:441،440ملتقطاً

مفتيءِ اعظم هند مولانا مفتي مصطفٰي رضا خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه ۽ صدرُ الشّريعہ مفتي امجد علي اعظمي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه جا نهايت پيارا شاگرد هئا ۞ جن ڏينهن ۾ محدثِ اعظم پاڪستان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه منظرِ اسلام بريلي شريف زيرِ تعليم هئا انهن ڏينهن ۾ مدرسي ۾ بجلي جو انتظام نہ هو جيئن تہ ساٿي شاگردن جي سمهڻ کان بعد بہ مُحلا سوداگران ۾سرڪاري لائٽن جي روشني ۾ پنهنجو سبق ياد ڪندا هئا جڏهن شفيق استادن کي هن ڳالهہ جي خبر پئي تہ انهن سندن ڪمري ۾ لائٽ جو بندوبست ڪري ڇڏيو ۞ پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه مسجد ۾ حاضر ٿيندا ۽ نمازِ باجماعت ۾ ڪجهہ دير هوندي هئي تہ ڪنهن ڪتاب جو مطالعو شروع ڪري ڇڏيندا هئا ۞ اهڙيءَ طرح نمازِ عشاء کان بعد ڪتاب سامهون رکي ڪري ويهي رهندا ۽ مطالعو ڪندا هئا، ڪڏهن ڪڏهن فجر جون اَذانون شروع ٿي ونديون هيون ۞ استادِ محترم صدرُ الشريعہ مفتي امجد علي اعظمي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه سندن تمام گهڻي محنت ڏٺي تہ خادم کي هدايت فرمائي تہ سردار احمد کي نماز مغرب کان پهريان کارائي ڇڏيندو ڪر تہ جيئن مطالعي ۾ حرج نہ ٿئي.[1]

هڪ ڀيري پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي اکين ۾ گهڻي تڪليف ٿي، ڊاڪٽر منع ڪيو تہ اوهان اکين تي زور نہ ڏيو، ان جي ڪري پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه چاهيو تہ ڪجهہ ڏينهن مطالعو ڪرڻ ڇڏي ڏيان، پر ائين نہ ڪري سگهيا ڇوتہ ڪتابَ سامهون هجن، فرصت بہ هجي ۽ پوءِ مطالعو نہ هجي، اهو ممڪن ناهي ۞ پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه اڪثر فرمائيندا هئا: **جهڙيءَ طرح تازي ماني ۽ تازي ڀاڄي مزو ڏيندي آهي اهڙيءَ طرح تازو سبق ۽ تازو مطالعو مزيدار هوندو آهي** ۞ حافظِ ملت مولانا عبدُ العزيز مبارڪ پوري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه سندن طالبِ علمي واري زماني جا احوال بيان ڪندي فرمائي ٿو: خوفِ خُدا، زهد ۽ تقوٰي، سنّت جي اتباع پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي طبيعت جو حصو بڻجي چڪي هئي، هر قول ۽ فعل، تمام اٿي ويني، جَلوتَ خَلوتَ ۾ اتباعِ سنّت ملحوظ رکندا هئا. مُسلسل سبقَ جي مطالعي ۾ غرق، گهٽ کائڻ، گهٽ

---

[1] حياتِ مُحَدِّث اَعْظَم ،صفحہ:36 خلاصةً۔

سمهڻ ۽ ڏينهن رات علمِ دين جي حصول ۾ مصروف رهڻ سندن معمول هو.[1]

پياريون اسلامي ڀينرون! اسان کي بہ دل ۾ علم ۽ عمل جو شوق وڌائڻ گهرجي. (1): حضرت ابو اُمامہ باهلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهہ ۾ 2 ماڻهن جو ذڪر ڪيو ويو، انهن مان هڪ عالِم هو ۽ ٻيو عبادت گذار، تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: عالِم جي فضيلت عبادت گذار تي ائين آهي جيئن منهنجي فضيلت توهان جي ادنٰي تي، پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: الله پاڪ، ان جا ملائڪ، آسمانن ۽ زمين جي مخلوقات ايستائين جو ڪِوليون پنهنجي سوراخن ۾ ۽ مڇيون ماڻهن کي (دين جو) علم سيکارڻ وارن تي دُرود موڪلين ٿيون.[2] (2): مڪي مدني سرڪار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: (قيامت جي ڏينهن) عالِم ۽ عبادت گذار کي آندو ويندو ۽ عبادت گذار کي چيو ويندو: تون جنّت ۾ داخل ٿي وڃ جڏهن تہ عالِم کي چيو ويندو تہ تون ٻيهہ ۽ ماڻهن جي شفاعت ڪر ڇوتہ تو انهن جي اخلاقن کي سنواريو آهي.[3]

## (2): عشقِ رسول

حُضور محدثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سيني کان نمايان خوبي عشقِ رسول آهي، پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي محبت سندن رڳ رڳ ۾ سمايل هئي.

منقول آهي: مَنْ اَحَبَّ شَيْئاً اَكْثَرَ ذِكْرَهٗ يعني جيڪو جنهن سان محبت ڪندو آهي، ان جو ذڪر ڪثرت سان ڪندو آهي، حُضور محدثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سچا عاشقِ رسول هئا، لهٰذا سندن سيني کان محبوب ۽ پسنديده وظيفو ذڪرِ مصطفٰي هو، پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون حديثون پڙهڻ،

[1] حياتِ مُحَدِّثِ اَعْظَم،صفحہ:38 خلاصةً ۔
[2] ترمذی،ابواب العلم،باب ما جاء فی فضل الفقہ علی العبادة،صفحہ:632 ،حديث:2685۔
[3] شُعَبُ الْاِيمان،جلد:2 ،صفحہ:268 ،حديث:1717۔

سندن فضائل ۽ ڪمالات بيان ڪرڻ، نعتِ مصطفٰي، ذڪرِ مصطفٰي سان زبان تَر رکڻ محدثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مبارڪ سيرت جو لازمي حصو هو. ڪڏهن ڪڏهن پاڻ ريلوي اسٽيشن يا بَس جي اڏي تي پهچندا ۽ گاڏي يا بَس ۾ ڪجهه دير هوندي هئي ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه قصيدو برده شريف، نعت خواني ۽ ذڪرِ پاڪ جو سلسلو شروع ڪرائي ڇڏيندا هئا، اهڙيءَ طرح گاڏي ۾ به نعت شريف ۽ ذڪرِ پاڪ، وعظ ۽ تقرير وغيره جو سلسلو جاري رهندو هو.[1]

## حديثِ پاڪ پڙهائڻ جو خوب صورت انداز

حُضور محدثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خصوصي سڃاڻپ حديث شريف آهي. پاڻ حديثِ پاڪ پرهائيندا هئا. سندن معمول مبارڪ هو ته حديثن جي شرح بيان ڪندي وقت رسولِ اڪرم، سَروَرِ دو عالَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪرِ پاڪ ۽ اوصافِ حميده به ضرور بيان فرمائيندا هئا، حديث پڙهندي پڙهائيندي جهومندا ۽ عشقِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ اکين مان نيرَ وهندا رهندا هئا، پاڻ فرمائيندا هئا ته جڏهن ماڻهو بيمار ٿيندا آهن، بخار يا مٿي ۾ سور ٿيندو آهي ته اهي دَوا کائيندا آهن، پر مون کي تڪليف ٿيندي آهي ته مان حديثِ مصطفٰي پڙهائيندو آهيان جنهن سان مون کي آرام اچي ويندو آهي.[2]

حديثِ شريف پڙهائڻ ۾ هڪ مبارڪ انداز هي به هو ته حديث ۾ پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مُسڪرائڻ جو ذڪر ايندو ته ان اداءِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اپنائڻ جي لاءِ پاڻ به مُرڪندا هئا ۽ طلبا کي به هدايت ڪندا هئا جيڪڏهن ڪنهن جي چپن تي مُسڪراهٽ نه ڏسندا ته مخاطب ڪندي فرمائيندا: اوهان جي چپن تي مُسڪراهٽ ڇو نه آهي؟ رسولِ پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مُسڪرائڻ واري ادا تي جيڪڏهن اوهان نه مُسڪرائيندا ته پَلا ٻيو ڪهڙو

[1] حياتِ مُحَدِّث اَعْظَم،صفحہ:151-152 ملتقطاً۔
[2] حياتِ مُحَدِّث اَعْظَم،صفحہ:153 خلاصةً۔

موقعو هوندو؟[1]

## روئيندي روئيندي سُڏڪا پَرڻ لڳا

1955ء جي ڳالھ آهي، محدثِ اعظم پاڪستان، مولانا سردار احمد چشتي قادري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ حديث شريف جو سبق پڙهائي رهيا هئا، درس جي دوران مشڪوٰة شريف جي اها حديث پڙهي وئي جنهن ۾ پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي سَرِ انور ۾ سُور ۽ ڪپڙو ٻڌڻ جو ذڪر آهي. حُضور محدثِ اعظم پاڪستان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ان حديثِ پاڪ تي گفتگو ڪندي فرمايو: جڏهن سرڪار (صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ) جي سَرِ انور ۾ سور هو ۽ پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪپڙي سان مٿي مبارڪ کي ٻڌو هو، پاڻ ان وقت منبر تي تشريف فرما هئا، سَرِ انور ۾ سورَ جي شدّت جي ڪري پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو ڪپڙي سان ٻڌڻ جڏهن يارِ غار حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہ ڏٺو هوندو ته انهن جو ڇا حال ٿيو هوندو؟ جڏهن فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہ ڏٺو هوندو ته انهن تي ڇا گذري هوندي؟ حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہ به جڏهن هي منظر ڏٺو هوندو ته انهن ڇا محسوس ڪيو هوندو...؟؟

انهيءَ طرح سورَ جي شدت ۾ صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہ عَنۡھم تي پيش اچڻ وارا احوال بيان فرمائي رهيا هئا، محسوس ٿيندو هو ته سرڪار (صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ) جي سَرِ انور ۾ سورَ جي تڪليف پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ به محسوس فرمائي رهيا آهن، جيئن ته دورانِ بيان پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ تي اهڙي رقت طاري ٿي جو روئيندي روئيندي سُڏڪا پَرڻ لڳا ۽ پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ درس جي حلقي مان اٿي اندر تشريف کڻي ويا. ان کان بعد خبر ناهي ته هيءَ ڪيفيت ڪيتري دير تائين رهي.[2]

## (3): صحابهءِ اهلِ بيت جو اَدب

---

[1] حياتِ مُحَدِّث اَعْظَم،صفحه:61 ـ

[2] حياتِ مُحَدِّث اَعْظَم ،صفحه:62 بتغير قليل۔

اهڙيءَ طرح حُضور محدثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه صحابهءِ ڪرام ۽ اهلِ بيتِ اطهار جو به خوب ادب ڪندا هئا. جڏهن به ڪنهن صحابي جو نالو وٺندا هئا ته "رَضِیَ اللهُ عَنْه" پاڻ به چوندا هئا ۽ ٻين کان به چورائيندا هئا، جيڪڏهن ڪو طالبِ علم حديثِ پاڪ پڙهندي ڪنهن صحابي جي نالي سان گڏ رَضِیَ اللهُ عَنْه نه پڙهندو هو ته ان کي روڪي ڇڏيندا ۽ فرمائيندا هئا: اوهان صحابي جو نالو پڙهيو آهي، لهٰذا رَضِیَ اللهُ عَنْه به چئو.[1]

کیوں نہ ہو رُتبہ بڑا اَصحاب و اَہلِ بیت کا — ہے خُدائے مصطفٰے اَصحاب واَہلِ بیت کا
آل واَصحابِ نبی سب بادشہ ہیں بادشاہ — میں فقط ادنیٰ گدا اَصحاب واَہلِ بیت کا
فَضلِ رَبّ سے دوجہاں میں کامیابی پائے گا — دِل سے جو شیدا ہوا اَصحاب واَہلِ بیت کا

ہر صَحابیِ نبی! جنّتی جنّتی — سب صَحابیات بھی! جنّتی جنّتی
چار یارانِ نبی! جنّتی جنّتی — حضرتِ صدّیق بھی! جنّتی جنّتی
اور عُمرِ فاروق بھی! جنّتی جنّتی — عُثمانِ غنی! جنّتی جنّتی
فاطِمہ اور علی! جنّتی جنّتی — ہیں حَسَن حُسین بھی! جنّتی جنّتی
والدَینِ نبی! جنّتی جنّتی — ہر زوجۂ نبی! جنّتی جنّتی
اور ابوسُفیان بھی! جنّتی جنّتی — ہیں مُعاویہ بھی! جنّتی جنّتی[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (4): محدثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ۽ مسجدن جي تعمير

[1] حياتِ مُحَدِّث اَعْظَم، صفحه:161.
[2] وسائلِ فردوس، صفحه:53.

حُضور محدثِ اعظم پاڪستان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي مسجدون نهرائڻ جو ڏاڍو شوق هو. فيصل آباد (پنجاب پاڪستان) تشريف وٺي اچڻ کان بعد پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪيترين ئي مسجدون تعمير ڪرايون ۽ ڪيئي مسجدن جو سنگِ بنياد پاڻ رکيائون.

هي يقيناً حُضور محدثِ اعظم پاڪستان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ڪرامت ئي آهي جو پاڻ دورانِ سفر ڪهڙي به غير آباد مقام تي نماز ادا فرمائيندا هئا ته اها جڳهه آباد به ٿي ويندي ۽ ان جڳهه تي مسجد به تعمير ٿي ويندي هئي. هڪ ڀيري پاڻ دورانِ سفر اڏي مُريد والا (ضلع فيصل آباد) ۾ نمازِ عصر ادا فرمائي، قريبي هڪ نهر مان وضو ڪيائون: ان وقت اتي نه آبادي هئي، نه ڪا مسجد، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه خالي جڳهه نماز ادا ڪئي، نماز کان بعد دعائيه انداز ۾ فرمايائون: ڪاش! جو هتي سُنين جو هڪ مدرسو ۽ هڪ مسجد هجي ته هي جڳهه آباد ٿي وڃي. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! هاڻي اها جڳهه آباد آهي ۽ اتي عاشقانِ رسول جو هڪ مدرسو ۽ شاندار مسجد تعمير ٿي چڪي آهي.[1]

## (5): نماز ادا ڪرڻ جي برڪت سان مسجد تعمير ٿي وئي

ائين ئي هڪ ڀيري حُضور محدثِ اعظم پاڪستان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪنهن ديني جلسي ۾ شرڪت جي لاءِ ساهيوال تشريف وٺي ويا. واپسي تي خانيوال جي طرف سفر ٿيو، ان سفر جي دوران پاڻ فجر جي نماز خانيوال اسٽيشن تي ادا ڪيائون، (انهن ڏينهن ۾ خانيوال اسٽيشن تي مسجد نه هئي) اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! حُضور محدثِ اعظم پاڪستان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جنهن جڳهه نمازِ فجر ادا فرمائي هئي، هاڻي اتي عاليشان مسجد موجود آهي.[2]

---

[1] حياتِ مُحَدِّث اَعْظَم ،صفحه:117۔

[2] حياتِ محدثِ اعظم،صفحه:117۔

# مجلس خُدامُ المساجد جو تعارف

اَلْحَمْدُلله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي پنهنجو ديني پيغام دنيا جي تقريباً 200 کان وڌيڪ مُلڪن ۾ پهچائي چڪي آهي. ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ سنّتن جي خدمت ۾ مشغول آهي. انهن شعبن مان هڪ شعبو خُدّامُ الْمساجد آهي.

پياريون اسلامي ڀينرون! مسجدن جي ضرورت جي پيشِ نظر عالَمي مدني مرڪز (ڪراچي) کان بعد پهرين مسجد ڪنزالايمان تعمير ڪئي وئي ۽ ان کان بعد امير اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ڪجهه اسلامي ڀائرن تي مُشتمل هڪ مجلس ناهي ۽ ان جو نالو مجلس خدامُ المساجد رکيو ۽ ذهن ڏنو ته پوري دنيا ۾ دعوتِ اسلامي جي تحت مسجدون نهرايون وڃن. مجلس خدامُ المساجد مسجدن جي جڳهه، خريداري، وقف جا تمام شرعي معاملا، قانوني ۽ تنظيمي اصولن جي مطابق ڪندي آهي. اَلْحَمْدُلله! مجلس خدامُ المساجد هن وقت تائين هزارين مسجدون تعمير ڪري چڪي آهي ۽ وڌيڪ تعميراتي مراحل ۾ آهن، روزانو جي حساب سان سڄي دنيا ۾ اوسطاً 2 مسجدون ٺهڻ جو سلسلو جاري آهي.

لهٰذا جن علائقن يا شهرن ۾ مسجدن جي ضرورت هوندي آهي اتي مجلس خدامُ المساجد جا ذميدار پنهنجي نگران سان مشاورت ۽ دارُ الافتاء اهلِ سنّت کان شرعي رهنمائي حاصل ڪرڻ کان بعد پلاٽ وٺڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، خاص طور نئين ٺائون ۽ ڪالونين ۾ مسجد جون جڳهون حاصل ڪري تعميراتي ڪم کي تڪميل تائين پهچائي مسلمانن جي اکين جي ٿڌاڻ ۽ دل جي راحت جو سامان ڪندا آهن. مسجد جي پلاٽ جي خريداري کان وٺي ان جي تعمير ۽ توسيع ۽ شين جي حصول تائين لکين رپيا خرچ ايندا آهن، هي تمام

اخراجات عاشقانِ رسول جي طرفان ڏنا ويندڙ عطيات مان پورا ڪيا ويندا آهن. مساجد جي تعمير کي الله پاڪ پسند فرمايو، اسلام جي سڀ کان پهرين مسجد پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي دستِ مُبارڪ سان تعمير فرمائي صحابہٴ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنۡهُم عُلماءِ ڪرام ۽ اولياءِ عظام مسجدن جي تعمير جي سلسلي کي جاري رکيو. اچو! مجلس خدامُ المساجد سان گڏ ملي ڪري ان ڪارِ خير ۾ حصو وٺون ۽ دين ۽ دنيا کي بهتر بڻايون.

الله پاڪ حُضور محدثِ اعظم پاڪستان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو فيضان بہ اسان کي نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هاءِ! قافلي جي اڳواڻ جي روانگي

حُضور محدثِ اعظم پاڪستان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه آخري عُمر ۾ ڪجهه عرصو بيمار رهيا، 29 رجبُ المُرجب 1382 هجري تي پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه تي ننڊ جي ڪيفيت طاري ٿي وئي، بئي هٿ قابو ٿي ويا، پرسان وينل عُلماءِ ڪرام ۽ خادمين کي فرمايائون: يَاسَلام ڪثرت سان پڙهو! انهيءَ عالَم ۾ سندن هر ساهہ سان گڏ الله هُو، الله هُو جا آواز اچي رهيا هئا، پهرين شعبانُ المُعظم 1382 هجري رات هڪ لڳي چاليهہ منٽ تي انهيءَ الله هُو، الله هُو جي آواز سان پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هن دنيا مان رخصت ٿي ويا. (اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيۡهِ رٰجِعُوۡنَ)

ڪين علاج جي لاءِ ڪراچي ڪنيو ويو هو، سندن انتقال اتي ئي ٿيو، سندن وصال جي خبر پوري مُلڪ ۾ گهرام مچائي ڇڏيو، جيڪو جيڪو خبر ٻڌندو هو، غم ۾ ٻڏي ويندو هو ۽ ڪيس اکين مان لڙڪ جاري ٿي ويندا هئا، غسل ۽

ڪفن جو سلسلو ڪراچي ۾ ٿيو جنهن ۾ اڪابرِ اهلِ سنّت شرڪت ڪئي، وصيت مطابق ڪفن مبارڪ تي پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۽ غوثِ پاڪ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جو نالو مبارڪ لکيو ويو. سندن جنازي مبارڪ کي ٽرين جي ذريعي ڪراچي کان فيصل آباد آندو ويو. هر اسٽيشن تي عُلماء ۽ مُحبين جو ڪثير تعداد آخري ديدار جي لاءِ موجود هو گُلن جا هار ڪنيو ديوانن جيان بيٺا هئا، جنازو مبارڪ لائل پور (فيصل آباد) پهتو تہ اسٽيشن تي پيرَ رکڻ جي جڳهہ نہ هئي فضا نعرهءِ تڪبير ۽ نعرهءِ رسالت سان گونجهي رهجي هئي آخرڪار جنازي مبارڪ کي کنيو ويو ۽ جنهن وقت جنازو مبارڪ ڪچهري بازار ۾ داخل ٿيو تہ عشقِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جلون رنگ ئي ٻيو اختيار ڪري ورتو جنهن جا اثرات نمايان ۽ تمام واضح نظر اچي رهيا هئا جو تابوت مبارڪ تي نور ۽ تجلين جي بارش هر اک کي صاف نظر اچڻ لڳي، ٻار پوڙها جوان هر قسم جا ماڻهو اتي موجود هئا ۽ وڏي حيرت سان عالَمِ انوار جي ان بارش جو پنهنجي اکين سان مشاهدو ڪري رهيا هئا جڏهن هي بيمثال جلوس گهنٽا گهر پهتو تہ اوچتو ان نور ٿُلهي چادر جي صورت اختيار ڪري ورتي ۽ سڄو تابوت ان ۾ لِڪي ويو چمڪندڙ ٽامي جي سنهن پٽرن جيان نور جا سنها ڪرٽا تابوت تي ڪِري رهيا هئا هزارين ماڻهن تعجب سان ان آسماني منظر کي ڏٺو ڪجهہ دير تائين اها ئي ڪيفيت رهي پوءِ آهستہ آهستہ تابوت ٻيهر نظر اچڻ شروع ٿيو آخرڪار جنازو مبارڪ هڪ وسيع ميدان ۾ آندو ويو جتي پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي جنازي جي نماز ادا ڪئي وئي، جنازي ۾ ايترا ماڻهو شريڪ هئا جو ڪڏهن فيصل آباد جي تاريخ ۾ جمع نہ ٿيا. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي آخري آرام گاهہ جامعہ رضويہ مظهرِ اسلام ۾ واقع آهي.[1]

---

[1] حياتِ مُحَدِّثِ اَعْظَم،صفحہ:333 تا 342 خلاصةً۔

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## شعبانُ المُعظم جي فضائل جو بيان

پياريون اسلامي ڀينرون! آقا جو مهينو يعني ماهِ شعبانُ المُعظم جلوه افروز ٿي چڪو آهي، نهايت بابرڪت مهينو آهي، ان ۾ رحمتن، مغفرتن ڀَري مبارڪ رات شبِ براءت بہ ايندي آهي، لهٰذا ڪوشش ڪيو تہ هي مبارڪ مهينو نيڪيون ڪندي، گناهن کان بچندي ۽ خاص ڪري خوفِ خدا ۾ روئيندي، رحمتِ الاهي جي خيرات گهرندي، ڪثرت سان توبهہ ۽ استغفار ڪندي گذري.

شعبانُ المُعظم جون چار اهم عبادتون آهن، ڪهڙيون ڪهڙيون آهن، اچو ٻڌون ٿيون:

## (1): شعبانُ المُعظم جي پهرين عبادت: دُرود جي ڪثرت

هونئن تہ دُرودِ پاڪ سڄي زندگيءَ جو وظيفو آهي، اسان جي روزانو جي معمولات ۾ دُرودِ پاڪ جي ڪثرت شامل رهڻ گهرجي ۽ سڄو سال ئي دُرود پڙهڻ گهرجي، البت هاڻي شعبانُ المُعظم جو مبارڪ مهينو آهي ۽ سُبْحٰنَ اللّٰـه! شعبانُ المُعظم جي عظمتن، ان جي رفعتن ۽ برڪتن جو ڇا چوڻ! ان مبارڪ مهيني کي محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن پهنجي طرف نسبت ڪري پنهنجو مهينو فرمايو، جيئن تہ حديثِ پاڪ ۾ آهي: شَهْرُ رَمَضَانَ شَهْرُ اللهِ وَ شَهْرُ شَعْبَانَ شَهْرِی: رمضان اللہ جو مهينو آهي ۽ شعبان منهنجو مهينو آهي.[1]

چوتہ هي آقا جو مهينو آهي، هن ۾ درودِ پاڪ جي خاص طور ڪثرت ڪئي ويندي آهي. سرڪارِ غوثِ اعظم، شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

---

[1] جامع صغير، صفحہ:301، حديث:4903۔

هو شَهْرُ الصَّلَاةِ عَلَى النَّبِيِّ يعني شعبان پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي دُرود پڙهڻ جو مهينو آهي.[1]

حضرت شيخ احمد زواري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تمام وڏا بزرگ ٿي گذريا آهن، انهن جي متعلق اچي ٿو تہ پاڻ روزانو 40 هزار پيرا درود شريف پڙهندا هئا، فرمائن ٿا: اسان جو معمول آهي تہ اسان ڪثرت سان بارگاهِ رسالت ۾ درود ۽ سلام عرض ڪندا آهيون، ان جي برڪت سان اَلْحَمْدُلِلّٰهِ! اسان کي جاڳندي حالت ۾ سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت نصيب ٿيندي آهي.[2]

## (2): شعبانُ المُعظم جي ٻئين اهم عبادت: تلاوت ڪرڻ

ڪجھ روايتن ۾ شعبانُ المُعظم جو نالو ئي شهرُ القرآن رکيو ويو آهي، هڪ روايت ۾ آهي: شعبانُ المعظم الله پاڪ جي حضور عرض ڪيو: اي ربّ تو مون کي 2 عظمتن واري مهينن (رجب ۽ رمضان) جي وچ ۾ رکيو آهي، منهنجي لاءِ ڇا آهي؟ فرمايو: مون تو ۾ تلاوتِ قرآن رکي ڇڏي آهي.[3] حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: جيئن تہ شعبانُ المعظم جي آمد ٿيندي هئي تہ صحابہِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم پوري توجھ سان تلاوتِ قرآن ۾ مصروف ٿي ويندا هئا.[4] جوتہ شعبان جو مهينو شهرُ القرآن (يعني تلاوتِ قرآن جو مهينو) بہ آهي، ان ڪري مبارڪ مهيني ۾ ڪثرت سان تلاوتِ قرآن ڪرڻ گهرجي.

سُبْحٰنَ الله! تلاوتِ قرآن جو بہ ڇا نرالو شان آهي! ۞ جيڪو نماز ۾ بيهي ڪري قرآن جي تلاوت ڪري ان جي لاءِ هر اکر جي بدلي 100 نيڪيون آهن ۽ جيڪو

---

[1] غنية طالبی، مجلس فی فضل شہر شعبان، جلد:1، صفحہ:342۔
[2] اَفْضَلُ الصَّلٰوة، صفحہ:18-20۔
[3] لطائفَ مَعَارِف، صفحہ:186۔
[4] لطائفَ مَعَارِف، صفحہ:186۔

نماز ۾ ويهي ڪري تلاوت ڪري ان جي لاءِ هر اکر جي بدلي 50 نيڪيون آهن ۽ جيڪو نماز کان علاوه باوضو تلاوت ڪري ان جي لاءِ 25 نيڪيون آهن ۽ جيڪو بنا وضو جي تلاوت ڪري ان جي لاءِ 10 نيڪيون آهن.[1] ۞ قرآن پڙهڻ وارو عذابِ الٰهي کان محفوظ رهندو آهي.[2] ۞ قرآن پڙهڻ وارو ان جي برڪت سان ترقي ڪندو ۽ وڏا درجات حاصل ڪري وٺندو آهي.[3]

## (3) شعبانُ المُعظم جي ٽئين اهم عبادت: نفلي روزا

ٽئين اهم عبادت جيڪا شعبانُ المُعظم ۾ خصوصيت سان ڪرڻ گهرجي اها آهي: نفلي روزن جي ڪثرت. اسان جا آقا ۽ مولا، محمدِ مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ رمضانُ المبارڪ کان پوءِ سڀني کان وڌيڪ شعبانُ المعظم ۾ روزا رکڻ پسند فرمائيندا هئا. اُمُّ المؤمنين حضرت عائشہ صديقہ، طيبہ طاهره رَضِیَ اللهُ عَنۡهَا فرمائن ٿيون: حضورِ اڪرم، نورِ مُجسم صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي مون شعبان کان وڌيڪ ڪنهن مهيني ۾ روزا رکندي نہ ڏٺو، پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سواءِ ڪجھ ڏينهن جي پوري مهيني جا ئي روزا رکندا هئا.[4] هڪ ڀيري پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ سوال ٿيو: رمضان کان بعد ڪهڙا روزا افضل آهن؟ فرمايائون: رمضان جي تعظيم جي لاءِ شعبان جا روزا رکڻ.[5]

تاريخ بغداد ۾ آهي: حضرت دائود طائي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه لاڳيتو 40 سال روزا رکندا رهيا پر سندن اخلاص جو هي عالم هو جو پنهنجي گهر وارن کي بہ خبر نہ ٿيڻ ڏنائون، ڪم تي ويندي منجهند جي ماني ساڻ کڻي ويندا ۽ رستي ۾ ڪنهن کي

---

[1] احياء العلوم، کتاب :آداب تلاوۃ، جلد:1، صفحہ:362۔
[2] کنز العمال،جزء:1،جلد:1،صفحہ:258، حديث:2267۔
[3] کنز العمال،جزء:1،جلد:1،صفحہ:259، حديث:2289
[4] ترمذی، کتاب:الصوم، باب:ماجاء فی وصال شعبان برمضان، صفحہ:206، حديث:736۔
[5] ترمذی، کتاب: زکوۃ، باب: فضيلتِ صدقہ، صفحہ:189، حديث:663۔

ڏئي ڇڏيندا هئا، مغرب کان بعد گهر اچي ڪري ڪاڏو ڪائي وڻندا هئا.[1]

## (4): شعبانُ المُعظم جي چوٿين اهم عبادت: اِسْتِغْفار

چوٿين اهم عبادت جيڪا شعبانُ المُعظم ۾ ڪرڻ گهرجي اها توبھ ۽ اِسۡتغفار آهي، ان جي حڪمت هيءَ آهي تہ شعبان جو مهينو جيترو عظمت وارو آهي، اوترو تمام گهڻو نازڪ بہ آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: هي اهو مهينو آهي جنهن کان ماڻهو غافل آهن حالانڪہ هن مهيني ۾ ماڻهن جا اعمال ربُّ العالمين جي بارگاهہ ۾ پيش ڪيا ويندا آهن.[2] انهيءَ مهيني ۾ مَلَڪُ الموت عَلَيْهِ السَّلَام کي انهن سڀني جي فهرست ڏني ويندي آهي جن جو ايندڙ سال روح قبض ڪيو ويندو.[3]

هي بہ ياد رهي تہ استغفار شعبان ۾ ئي خاص ناهي بلڪہ استغفار مُستقل عبادت آهي. پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: بيشڪ لوهہ جيان دلين کي بہ ڪَٽُ لڳي ويندو آهي، پوءِ ان جي صفائي استغفار سان ٿيندي آهي.[4]

هڪ حديثِ پاڪ ۾ فرمايائون: جنهن اِستغفار کي پاڻ تي لازم ڪري ڇڏيو، الله پاڪ ان کي هر غم کان نجات ڏئي ڇڏيندو، ان جي هر مُشڪل آسان فرمائي ڇڏيندو ۽ ان کي اهڙي جڳهہ تان رزق عطا فرمائيندو، جتان کان ان جو گمان بہ نہ هوندو.[5]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] تاريخ بغداد، جلد8، صفحہ:345۔
[2] مسند اَحْمَد، جلد:36، صفحہ:85، حديث:21753۔
[3] جامعِ صغير، صفحہ:369، حديث:5964۔
[4] مجمع الزوائد، کتاب التوبہ، باب ما جاء فی الاستغفار، جلد:10، صفحہ:250، حديث:17575۔
[5] ابن ماجہ، کتاب ادب، باب الاستغفار، صفحہ:612، حديث:3819۔

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# نيڪ اعمال موبائل ايپلي ڪيشن

پياريون اسلامي ڀينرون! نيڪ بڻجڻ ۽ نيڪ اعمال ۾ اضافي جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: نيڪ اعمال (*Naik Amal*) هي ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪريو، هن ايپلي ڪيشن ۾: اسلامي ڀائرن، اسلامي ڀينرن ۽ طالبِ علمن جي لاءِ الڳ، الڳ، رسالا موجود آهن ❁ ان کي 6 مختلف زبانن ❁ انگريزي ❁ اردو ❁ هندي بنگالي ❁ گجراتي ۽ ❁ سنڌي ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو ❁ هن ۾ مختلف نيڪ اعمال تي مشتمل سوالات ڏنا ويا آهن ❁ هر سوال جي هيٺ 30 خانا آهن، روزانو پنهنجي مرضي جو ڪو به وقت مُقرر ڪري پنهنجي اعمال جو جائزو وٺو، هن جي مطابق زندگي گذاريو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هن جي برڪت سان گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جو ذهن بڻجندو، دل جي پاڪيزگي ملندي ۽ ڪردار صاف سٿرو، نکريل ۽ خوبصورت ٿي ويندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# وعدي جي پابندي سنّت آهي

2 فرامينِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1): جيڪو وعدو پورو ناهي ڪندو، ان جو ڪو ايمان ناهي.[1] (2): جيڪو مُسلمان پنهنجي ڀاءُ سان وعدو خلافي ڪري ان

[1] مصنف ابْنِ اَبِي شيبہ، كتاب: الايمان، جلد:7صفحہ:223۔

تي الله پاڪ ۽ ملائڪن ۽ تمام انسانن جي لعنت آهي.[1]

**پياريون اسلامي ڀينرون!** وعدو پورو ڪرڻ سنّتِ مُصطفٰي بلڪ سنّتِ اَنبياء آهي ❁ اسان جا آقا وعدي جا تمام پڪا هئا ۽ ❁ وعدو ٽوڙڻ کي نهايت ناپسند فرمائيندا هئا ❁ اعلانِ نبوت کان پهريان هڪ ڀيري هڪ شخص پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي عرض ڪيو: اوهان ترسو! مان جلدي اچان ٿو، اهو شخص هليو ويو پر واپس موٽڻ وسري ويو، 3 ڏينهن کان بعد ان کي وري ياد آيو، جڏهن اهو ان جڳهه تي پهتو ته هي ڏسي ڪري حيران رهجي ويو ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ 3 ڏينهن گذرڻ جي باوجود اتي ئي تشريف فرما هئا ۽ مَاشَآءَ الله! شفقت ۽ رحمت ۽ حُسنِ اخلاق ڏسو! پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي دڙڪا نه ڏنا، ڪاوڙ نه ڪيائون، بَس اوترو فرمايائون: اي شخص! تو مون کي مُشقت ۾ وجهي ڇڏيو.[2] الله اسان کي به سنّتِ سرڪار تي عمل ڪندي وعدو پورو ڪرڻ وارو بڻائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم.

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينه جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحات جو رسالو ”550 سنّتون ۽ آداب“ خريد ڪيو ۽ پڙهو،

---

[1] بخاری، کتاب:جِزْیہ، صفحہ:815، حدیث:3179۔
[2] اَبُو داؤد، کتاب: ادب، باب: وعدہ، صفحہ:781، حدیث:4996۔